# ويراڳي اوطاق تي سنڌيءَ ۾ روح رهاڻ آغا گلَ جي

- Blog
- About

## آمريڪا جون يونيورسٽيون ۽ اُتاهون (اعلا) تعليمَ

January 27, 2007 at 4:44 pm | In Education | 2 Comments



مان آمريڪا جي ڪِن مکي يونيورسٽين (وشوَ وِديالنِ) ۾ ٽيتيهه کن ورهيہ ڪاٽيا آهن. ڪڏهن وري ڳالهه ڪندس تہ منهنجو هتي اچڻ ڪيئن ٿيو ۽ مان يَتا تَتا هتِ ڇا ڪندوهان. حالي فلالي آمريڪي اُتاهون (مٿيون) تعليمي نظامَ بابت ٿوڙو سڌ سماءُ ڏيان ٿو. هتي آمريڪا ۾ ڏيڍ ڪروڙ ڪان مٿي شاگرد اُتاهون تعليمي ادارن ۾ پڙهن پيا. ڀيٽڻ لاءِ ياد رهي تہ آمريڪا جي آبادي 30 ڪروڙ آهي ۽ سنڌ جي آبادي چار ڪِروڙَ لڳ ڀڳ هوندي. پرَ اهو پڻ انگُ ويچار ۾ رکجي تہ آمريڪا جي وچٽري عمر پنجٽيہ ورهين ڪان مٿي ۽ سنڌ جي وچٽري عمر ارڙهان ورهيہ ٻيني آهي. تنهن حساب سان هيٺيون چارٽ جو جائزو وٺندا. جي اُتاهون تعليم جي ساڳي پڪيڙ هجي تہ سمجهو هنن انگن جو پنجون ڀاڱو ڪِن سنڌ ۾ هجن. اهي انگَ سن 2003 جا آهن پر تنهن وقت ڪان خاص ڦير گهير ڪانہ هوُندي. ٻيو انگُ، ٻارهان سالو سِڪوُل پورو ڪري اڏ ڪن ٻار هڪ نہ ٻي قسم جي ڪاليج ويندا آهن.

| شاگرد | تعداد | شاگردن جو انگ |
|---|---|---|
| سرڪاري چار ورهيہ ڪاليج | 629 | 6,649,441 |
| خانگي چار ورهيہ ڪاليج | 1,845 | 3,758,112 |
| سرڪاري جونيئر ڪاليج | 1,070 | 6,207,618 |
| خانگي جونيئر ڪاليج | 596 | 285,300 |
| **جوڙ** | **4,140** | **16,900,471** |
| بيچلر | | 14,473,884 |
| ماسٽر ۽ پي ايچ ڊي | | 2,097,511 |
| پروفيشنل | | 329,07 |

هِنَ چارٽ ۾ ڏيڪاريل شئين جي سمجهاڻي هن ريتَ آهي. ”چار ورهيہ“ ڪاليجن ۾ اهي ڪاليج ليکجن ٿا جيڪي بيلچلرَ جي ڊگري ڏينِ ۽ يونيورسٽيون اهي ليکبيون جيڪي انهي ڪان مٿيون ڊگريون پڻ ڏين. آمريڪا ۾ هر بيچلر ڊگريءَ لاءِ ٻارهين جمات ڪان پوءِ چار ورهيہ لگندا آهن. جونيِئر ڪاليجن ۾ ”ٻہ ورهيہ“ لڳنِ ۽ انهن ڪان پوءِ ”ايسوسيِئيٽ“ جي ڊگري ملي. اهڙا ڪاليج هر ڪنهن نندي وڏي تعلقي ۾ هوندا آهن جيڪي تعلقي جي حڪومتي ڍلَ مان ۽ صوبائي محصول مان تعلقي کي ڏنل ڏوڪڙن مان هلندا آهن. هرَ گهر، دڪان، هوٽل، فيڪٽريءَ ۽ ٻنيءَ تي ڍل (پراپرٽي ٽيڪسَ) پوي جا ڍل آمريڪا ۾ گهٽوتر سموري تعلقي کي ملي، جنهن مان مڪاني رستا، سِڪولَ، جونيئر ڪاليجَ ۽ تعلقي اندر تعلقو هلائي. هونئن صوبائي مختيارڪاري ڪري ڍل وارو قانون صوبن جي هٿ ۾ آهي پر لڳ ڀڳ هر صوبي ۾ ساڳيو نظام وجي بيٺو آهي جيتوڻڪ ڪي صوبا آمدني تي محصول ڪو نہ وٺن، ڪي وري خريداري تي محصول وڏو هڻن، وغيره.

ازانسواءِ خانگي ڪاليجنِ جي وِدياِرتينِ (شاگردن) کي پڻ گهرج جي بنياد تي سرڪاري سڪالرشپون (وضيفا)، گهٽ وياجي قرضا، ۽ ڪن عام مفادي جاين تي ڪُجهہ وقتي ڪم ڪرڻ لاءِ اڌ پگهارَ سرڪاري خرچ تي

ملن. انهي گهرج جو حساب هٽڻ لاءِ مائٽن جي آمدني، وسيلا ۽ جائداد
کي غور سان ڳڻيندا آهن. ٻيو تہ اِهو پڻ حساب ۾ آهي تہ هر وديارتي
کجھ وقت ڪَم ڪندو ۽ انهن انگن کي جورڻ ۽ وڍِڻ جا وڏا فارمودا
ٺاهيا اٿن. هونئن ڪاليجن جون فيون ۽ خرچا وڏا آهن. هوُنئن عام طور
تي ڪو سمورو وَقتي (فُلُ ٽائيمُ) وِديارتي ٿوَ مهنا ڪاليج ۾ هوندو آهي
تہ ٿي مهنا ڪمُ ڪندو آهي. اهو ڪمُ باغ سنڀالڻ، هوٽلَ ۾ نوڪري،
مزوُري، وغيره ٿي ٿو سگهي. اهڙا ڪم اونهاري ۾ وڌي ويندا آهن جو
سياري ۾ برف ڪري باغ گهٽي پاسي ڪونهن، لوڪ ٻہ ٿي هفتا
اونهاري جو موڪلون وننڌي ٻين شهرن ۾ گهمڻ نڪرن ۽ هوٽلن ۾
وڃيو رهن، وغيره. ڪي وديارتي هسپتالن، ليبارٽين، ڪارخانن، ڏنڌن،
حڪومت جي آفيسن، ڪانگريس ميمرن جي آفيسن، وغيره
۾ ”انٽرنشپ“ ڪندا آهن جنهن جو مقصد آهي تہ ڪو ڪارِ گر
(پريڪٽڪل) تجربو حاصل ڪنِ. ٻيو تہ ڪاليجَ ويندڙ مهنن ۾ پڻ عام
طور تي هفتي ۾ ڏھ ڪلاڪَ ڪن ڪمُ ڪنِدا آهن. اهي ڪمَ لائيبرري ۾
ڪتاب موٽائي وجهڻ، ڪمپيوٽر ليبارٽري جو رات ويهي سنڀالڻ، ڪنهن
ڪتابن جي دڪان تي، هوٽل ۾، ميوُزيمَ ۾، يا ٻي هند هجن.

اميرن توڙي غريبن جا ٻار اينئن ڪمَ ڪنِدا آهن. اميرَ اينئين چاهيندا
آهن تہ ٻارن کي زندگي جو تجربو ملي ۽ ٻين ٻين قسمن جي ماڻهن سان
لهہ وچڙ ۾ جواني ۾ ٻار اڇن جينئين سماج کي چڱي طرح سمجهن.
انهي ساڳي ريت گهٽا ئي وديارتي هفتو ٻہ سال ۾ غريبن جي مدد جا
ڪم ڪن، جينئين پڪو گهر ٺاهڻ جي مزوري، ڪراڙن جي خِزمت،
وغيره. سڪول هلندي پڻ ڪي وديارتي توڙي مٿين ڪلاسن (نائين،
ڏهين، يارهين، ٻارهين ڪلاس) جي سِڪولن جا ٻار پڻ ”خوش خزمت

سپاهي“ ٻڌجن ٿا ـ مثال طور منهنجي هڪَ ڏيءَ سال ٻن لاءِ هر ڇنڇر جو چار ڪلاڪ آمريڪا ۾ آيل غريب پناهگيرن جي ٻارن کي سُوَمُر شيوا طور مفت ”ٽيُوشن“ پاڙهيندي هئي. ٻيءَ ڏي جانورن جي سنڀال لاءِ هر هفتي ڪجھ ڪلاڪ ڏيندي هئي.

مٿين چارٽ ۾ پرووفيشنل ڊگري مان مراد آهي قانون، طب (ڊاڪٽري)، ڏندان ساز، ليکاري (اڪائوُنٽنِنگ)، وغيره جون ڊگريون.

ايندڙ بلاڪ ۾ ٻڌائيندس ته ڀين ڀين ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جو مقصد ڇاهي، ڪهڙيون ڊگريون ڏينديون آهن، ڇا پاڙهينديون آهن ۽ داخلا ڪيئن ڪنديون آهن.

## [قديم سنڌ شطرنج جي راند]

January 23, 2007 at 10:26 pm | In [Folklore], [Sindhi Archeology] | [1 Comment]



انسان اوهدار جانور (جنهن کي انگريزيءَ ۾ ميمل چوندا آهن) جو هڪ قسم آهي. رانديون خاص ڪري اوهَدار جانور ٻارنِ جي قابليت وڌائڻ لاءِ گهڻو قدرُ رکنديون آهن. انسان جي وجود ۽ پکيڙ ۾ خيالي سمجهہَ abstract intelligence جي وڌائڻ جو وڏو ڪردار رهيو آهي. شطرنج هڪ اهڙي راند آهي جنهن سان خيالي سمجهہ جو گهڻو واڌارو ٿئي.

موئن جي دڙي مان جيڪي رانديون لڀيون آهن تن مان شطرنج جو هڪ اولائڪي نمونو پڻ مليو آهي. (ڏسو مٿي فوٽوُن. اهو

هينئين ڪتاب مان آهي جنهن ۾ دڙي جي ٻين راندين جا پڻ فوٽا ملندا).

*Terracota toys include miniature bulls with movable heads.carts with tiny solid wheels drawn by a pair of bullocks. such as westill find in reality with slight change in the design of wheels trundlingalong the dusty tracks in the countryside around Moenjodaro.Other amusing toys are whistling birds. monkeys. broods ofchicken. and pet dogs. A glimpse of contented domestic life isreflected in the relics of indoor games. the bagatelle and a primitive kind of chess-board designed on brick tiles with gamesmen made of agate or ivory.*

*K .H. Shaikh and S. M. Ashfaque* :Moenjodaro, A 5,000 year old Legacy, UNESCO.*1981* ,
http://www.worditude.com/ebooks/unescopdf/moenj_eng.pdf

انهي چوڻ جو اِهو مقصد ناهي تہ هاٿوڪي شطرنج ڪا صفا ساڳي روُپ ۾ ڪيڏي وجي. نہ صدين ۾ ڪي ڦيريون گهريون آيون. اِيوروپ پڄڻ پوءِ بہ تي قائدا ڦيرايا ويا. (هاٿوڪيِ شطرنج ۾راند تڪڙي ڪرڻ لاءِ، پيادو پهرين وار بہ قدم اڳتي وڌي ٿو سگهي. انهين سان گڏ راجا جو ڪوٺ ناهڻ جو ترِيڪار پڻ تڪو ڪرٽو پيو، ۽ ”اين پَسان“ وارو قائدو پڻ پيادن ڪي راند اتڪائڻ ڪان جهلڻ لاءِ ناهيٽو پيو. ايهي ڦيريون ڪجھ صديون اڳ آنديون ويون)

شطرنج بابت هڪ مزي جي سنڌي لوڪ ڪهاڻي آهي جا سڄي جڳ ۾ هاڻ مشهور ٿي ويئي آهي، توڙي نہ گهڻن سنڌين کي اها هاڻ ياد هوندي نہ وري گهڻن ٻين کي اها پرک آهي تہ هي لوڪ ڪهاڻي اول سنڌ مان آئي آهي. (ساڳي رِيت ايساپُ جون ڪيئي لوڪ ڪهاڻيون سنڌ مان پکيڙيون پرَ انهي بابت ڪڏهن ٻي پيري لکندم). انهي آکاڻيءَ جو سنڌي

ڏسُ مانکي هن حوالي سان ڏسڻ آيو (مان تاريخدان ناهيان ۽ چئي نہ ٿو سگهان تہ اها آکاڻي ڪيتري قدر سچ آهي).

Raverty, H.J., "History of Chess and Backgammon", *Journal of the Royal Asiatic Society of Bengal*, Vol. 71, Part I, p. 47, Calcutta, 1902 .

راءِ پليت جي راڄ ۾ ساشِي نالي سان هڪُ سياڻو سنڌي هيو. (راجا ڏهر راءِ خاندان جي راجائُن کان پوءِ سنڌ تي راڄ ڪيو. راءِ
اصلي "اڇوت" جاتي جا هيا پر پوءِ ٻڌ ڌرم اپڻيائون ۽ سنڌ تي تنهن زماني ۾ گوتمَ ٻُڌ جو وڏو اَثر هيو ۽ اڇوتپڻي جي ڳالهہ پوري ٿي ويئي). ساشي هڪ رات واه جي نئين راند (اڄوڪي شطرنج) ٺاهي. راجا کي ٻي ڏينهن ڏيکاريائين تہ راءِ ڏاڍو خوش. ورجائي چئيسِ بسِ ڪا گُهر ڪر.

نيٺ ساشِيءَ بہ چڱو پوگ ڪيس. چيائينس، بس سارينِ سان هڪ بَساط (بورڊ) پري ڏيار.. سو ايئين. پهرين چوڪنڊي ۾ هڪ ڪڻو، ٻي تي ٻہ، ٽين تي چار، چوٿين تي اٺ.. هن ريت ٻيڻ ٿيندي وڃي جيسين بساط پرجي وڃي...

راءِ پليتَ وڏو ٺهڪ ڏنو. چيائين هي تہ ڪو سفا چريو ٿو لڳي. ڪپنس چانور، سو بہ ترُ. راءِ جا ڪمدار ويا. ڪن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺيوڻ ڊوهي ڊوهي موٽيا، چيائون سائين شاهي گدام سڀ خالي ٿي ويا اٿوِ، هن جي بساط تہ ڪانہ پري.. هاڻ ڇا ڪيون؟

ساشي وڏو ڳڻت گياني هجي. ڳڻت ڪندا تہ ٻتو ڪندي وڃي ٿيدا

$2^{64}$approx. $10^{19}$

هوُئن حساب هٽجي تہ سپ 64 چوڪندا جوڙي ملائي ڪٽا $2^{65}$ بيهن. چانور جي هڪَ هزار ڪڻن جو وزن 25 ڪان 30 گرامَ لڳي. سو هي ٽيا ڪل وجي لڳ ڀڳُ ڪلوگرام

$$8 \times 10^{14}$$

800,000,000,000,000 kg

## [چڪون ۽ پلناما]

January 23, 2007 at 1:42 pm | In [Sindhi Poetry] | [5 Comments]

سائين وسيم مفتيءَ مان ڪنئون هڪ سوال پڇيو

”هوُستن واري سلائيڊن ۾ مانپڙهيو(جتي ليار پيرون..) پرَ منهنجي ڄاڻ مطابقِ اهو آهي (جتي يارَ پيرون...) پوءِ ڇا سهي آهي؟“.

انهي سوال جي وردي مان وٽ ڪانهي. اها ڪافي ٻڌي الا جي گهٽا ورهيہ ٿيا هوندم. محمد يوسف جو ڳاتل ٻڌو هومِ. پانيا ٿو تہ هيءُ ”مير“ جو لکيل آهي. پر افسوس تہ مان وٽ ميرَ جو رسالو موجود ڪونهي. جي ڪو پڪ ڪري ٻڌائي سگهي تہ ٿورائتو ٿيندسُ.

منهنجي ياد موجب اڳتي لکي

جتِ جهانگيِ جتِ جهوپڙا

جتِ ڊاتي منهنجا ڊول

ڪالهہ ٻڌا ڪَنَ تي

مون پابيهنِ جا پول

......

## جي ايم سيد جنم ڏينهن تي هوسٽڻ آمريڪا گڏجاڻي

January 22, 2007 at 10:16 pm | In Human Rights, Sindhi Archeology, Sindhi Poetry, Sindh History | 2 Comments

تازو هوُسٽن ٽيڪسَسِ ۾ سنڌين جي گڏجاڻي تي جنهن ۾ مان آئيندي تي پهنجا سنڌين جي تاريخ ۽ ويچار ڏنا. پنهنجي ليڪچر جي آوازي ٽيپ پڻ هن بلاگ تي هٽندس. حالي هيٺ سلائيڊن جو فائيل وجهان ٿو.



ڪي سلائيڊ اڳوات ڏنل ليڪچرن مان ڪنياهم. تنهن ڪري اهي اجا انگريزي ۾ آهن. وقت مليو ته اهي پڻ سنڌي ۾ وجهندس.

http://shikarpuri.wordpress.com/files/2007/01/gmsyed-pub-2007.pdf

## پهنجي سڃاڻَپ

January 18, 2007 at 12:16 am | In autobiographical | 5 Comments

منهنجو ڏاڏاڻو ڳوٺ شڪارپور ۽ ناناڻو حيدراباد آهي. مان ننڍپڻ انهن ٻنهي شهرن ۾ ڪاٽيو، وري ڪي ورهيه ڪراچي ۾ پڻ گزراڻ ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي مان کي سائنسَ جو شوق هيو. ڏنم ته پاڪستان ۾ انهي سيک ملڻ جو چارو مان نه رڳو ڪيلٽيڪَ ڪونهي. تياري ڪري آمريڪا جي مشهور يونيورسٽي داخلا ورتمِ پرَ انهن مانکي ڦِيين سان گڏ لڳ ڀڳ سمورو خرچو سڪالرشپِ (وضيفي) ۾ ڏنو.

اها ڪهاڻي وري ڪنهن ٻي وقت ڪبي.



انهيَ ريت سورهنِ ورهين جي عمر ۾ پنهنجي تعليم ڪي وڌائڻ لاءِ آمريڪا هليو آيُسِ. هاڻِ ڪي ٽيٽيهه ورهيہ آمريڪا ۾ رهي ٿيا آهن ۽ هتان جي ڪري رهيو آهيان. مٿيون فوٽون نومبر ۾ پروفيسريءَ ۾ وڏي يونيورسٽيهڪَ لڪسمبرگَ يونيورسٽيَ ۾ ليڪچر ڏيندي ڇڪيو ويو.